سکڻ سيکارڻ جي حلقن جو

# جدول

# اولاد جا 3 حق

(قسط: ٻين)

24 جولاءِ 2025



# سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

**(1):** مختلف موضوعن تي مختصر بيان: **5** منٽ **(2):** دُعا ياد ڪرائڻ: **5** منٽ **(3):** جائزو: **5** منٽ ڪُل وقت: **15** منٽ

اڄ جي سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن ۾ **اولاد جا 3 حق (قسط:2)** جي متعلق ٻڌايو ويندو ۽ **تيل لڳائڻ وقت پڙهڻ واري دعا** ياد ڪرائي ويندي ۽ آخر ۾ **نيڪ اعمال** جي رسالي مان اجتماعي جائزو بہ ورتو ويندو. اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيم!

## دُرُود شريف جي فضيلت

آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: جنهن مون تي هڪ دفعو درود پاڪ پڙهيو الله پاڪ ان تي **10** رحمتون موڪليندو آهي ۽ ان جي اعمالنامي ۾ **10** نيڪيون لکيون وينديون آهن. [1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اولاد جا 3 حق (قسط:ٻين)

### آيت مبارڪ

وَاْمُرْ اَهْلَكَ بِالصَّلٰوةِ وَاصْطَبِرْ عَلَيْهَا ؕ

(پارو: **16**، سورة طٰهٰ: **132**)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ پنهنجي گهَر وارَن کي نماز جو حڪم ڏي ۽ پاڻ بہ نماز تي ثابت قدم رهہ.

معلوم ٿيو تہ اهل و عيال يعني پنهنجي آل ۽ اولاد کي نماز جي تلقين ڪرڻ بہ اسان جي ذميدارين ۾ شامل آهي.

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1...ترمذی،ابواب الوتر،باب فی فضل الصلاۃ علی النبی صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم، صفحہ:144،حدیث:174۔

پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: پياري آقا مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: **ماڻهو پنهنجي اهل و عيال جو محافظ آهي ۽ ان کان کانئس اهل و عيال جي باري ۾ پڇاڻو ٿيندو.** (1)

علامہ علي قاري رحمةُ اللّٰهِ عليه هن حديث پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا تہ يعني ماڻهو کان سوال ڪيو ويندو تہ هُن پنهنجي زوجہ ۽ پنهنجن ٻارن جا حق پوري طرح ادا ڪيا يا نہ؟ (2)

## اولاد جا 3 حق

پيارا اسلامي ڀائرو! اولاد جا تمام گهڻا حق آهن، جن مان **3** حق اسان اڄ ۾ سکي چڪا آهيون. **3 حق** اڄ سکنداسين. اچو تہ پهريان اڄ ۾ سکيل حق دهرائي وٺون. **(1):** بهتر ماءُ جي چونڊ ڪرڻ **(2):** ٻار جي ڪَنَ ۾ آذان ڏيڻ **(3):** تحنيڪ ڪرڻ (يعني ڳُهتي يا سُتي ڏيڻ).

وڌيڪ **3** حق جيڪي اڄ سکڻا آهن.

### پهريون حق: ٻار جو سُٺو نالو رکڻ

**وضاحت :** سٺي معنيٰ واري نالي کي سٺو نالو چيو ويندو آهي. بهتر هي آهي تہ اهڙا نالا رکيا وڃن جن جي فضيلت احاديث ۾ بيان ڪئي وئي آهي، يا وَري الله وارن يعني نبين، ولين جي نالن تي نالا رکيا وڃن، اِنْ شَآءَاللّٰهُالْکَرِيْم! انهن جي برڪت بہ نصيب ٿيندي. حديث پاڪ ۾ فرمايو ويو آهي: جنهن جي گهر ۾ ٻار

---

1...سنن ابی داود ،کتابالخراج والامارة ،باب: ما يلزم الامام من حق الرعية ،صفحہ:481،حديث 2928،ملخصًا۔

2...مرقاة المفاتيح ،کتاب الامارة والقضاء ،جلد:7،صفحہ:241،تحت الحديث :3685۔

پيدا ٿئي، تنهن کي گهرجي تہ ان جو سنو نالو رکي. (1)

**نوٽ:** پُٽ جو نالو محمد يا احمد رکو! احاديثِ ڪريمہ جي مطابق: ۞ جنهن جي گهر ۾ پٽ ڄمي ۽ هو ان جو نالو محمد رکي تہ ان جي برڪت سان اهو پاڻ ۽ سندس پٽ ٻئي جنت ۾ داخل ڪيا ويندا. (2) ۞ جنهن جو نالو احمد يا محمد هوندو، اهو جهنم ۾ نہ ويندو. (3) ۞ جنهن منهنجي نالي تي پنهجي ٻار جو نالو رکيو، قيامت تائين صبح شام ان تي برڪتون نازل ٿينديون رهنديون. (4)

**نوٽ:** نالن بابت تفصيلي معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جو شايع ٿيل ڪتاب "**نالو رکڻ جا احڪام**" پڙهو.

## ٻيون حق: عقيقو ڪرڻ

**وضاحت:** پُٽ يا ڌِيءُ پيدا ٿيڻ جي شڪراني ۾ جيڪو جانور ذبح ڪيو ويندو آهي، ان کي **عقيقو** چئبو آهي. عقيقو ڪرڻ سنت آهي. ان جي برڪت سان ٻار آفتن ۽ مصيبتن کان محفوظ رهندو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! (5)

## عقيقو ڪرڻ بابت مدني گُل:

۞ عقيقو ستين ڏينهن تي ڪرڻ افضل آهي، مثال طور، جيڪڏهن ٻار اربع جي ڏينهن پيدا ٿيو تہ عقيقو ايندڙ اڱاري تي ڪيو. جيڪڏهن ايندڙ اڱاري تي نہ ڪري سگهو تہ زندگي ۾ جڏهن بہ عقيقو ڪرڻ چاهيو تہ اڱاري تي ئي ڪريو تہ جيئن ستين ڏينهن جي فضيلت حاصل ٿي وڃي. (6) ۞ خدانخواستہ جيڪڏهن ٻار

1...شعب الایمان، الستون من شعب الایمان وھو باب فی حقوق الاولاد واھلین، جلد:6، صفحہ:401، حدیث:8666۔
2...کنزالعمال، کتاب النکاح جلد:8، جز:16 صفحہ:175، حدیث:45215۔
3...فردوس الاخبار، جلد:5، صفحہ:472، حدیث:8515، دارالکتاب العربی۔
4...کنزالعمال، کتاب النکاح جلد:8، جز:16 صفحہ:175، حدیث:45215۔
5...مرآۃ المناجیح، جلد:6، صفحہ:4، ملخصًا۔
6...فتاوٰی رضویہ، جلد:20، صفحہ:586، ملخصًا۔

ستن ڏينهن جو ٿيڻ کان پهريان ئي وفات ڪري وڃي ته ان جو عقيقو نه آهي.[1] ۞ عقيقي ۾ هڪ ٻڪرو يا هڪ ٻڪري ذبح ڪئي وڃي. ۞ بهتر هي آهي ته پُٽ جي عقيقي ۾ 2 ٻڪرا ۽ نياڻي جي عقيقي ۾ **هڪ** ٻڪري ذبح ڪئي وڃي، جيڪڏهن ائين نه به ڪيو وڃي تڏهن به ڪو حرج نه آهي.[2] ۞ مثال طور، جيڪڏهن ست ٻار هجن ته هڪ وڏو جانور سيني جي عقيقي لاءِ قربان ڪري سگهجي ٿو.[3] ۞ قرباني جي وڏي جانور ۾ به عقيقي جو حصو شامل ڪري سگهجي ٿو.

**نوٽ:** عقيقي بابت تفصيلي معلومات جي لاءِ شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو رسالو "**عقيقي جي باري ۾ سوال جواب**" جو مطالعو فرمايو.

## ٽيون حق: سُنِي تربيت ڪرڻ

**وضاحت:** ٻارن کي اسلامي تعليمات ۽ اسلامي آداب سيکارڻ **سُني تربيت** آهي. ٻارن جي سني تربيت ڪيئن ڪئي وڃي، ان جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جو شايع ٿيل ڪتاب "**تربيتِ اولاد**" جو مطالعو فرمايو.

## دهرائي

**اڄ اسان اولاد جا 3 حق سکيا آهن، ٻيهر دهرائي وٺو!**

**(1):** ٻار جو سنو نالو رکڻ **(2):** عقيقو ڪرڻ **(3):** سُنِي تربيت ڪرڻ

## سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن ۾ ياد ڪرائي ويندڙ دُعا

### تيل لڳائڻ وقت پڙهڻ واري دعا:

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

---

1...فتاویٰ رضویہ، جلد:20، صفحہ:596، ملخصًا۔
2...بہارِ شریعت، جلد:3 صفحہ:357۔
3...فتاویٰ اہل سنت، ریفرینس نمبر:Grw-221۔

**ترجمو:** اللہ پاڪ جي نالي سان شروع جيڪو وڏو مهربان ۽ رحمت وارو آهي.

بيچين دلين جي چين، سرورِ ڪونين صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو شخص بغير بِسْمِ اللّٰہ پڙهڻ جي تيل لڳائيندو آهي، تنهن سان گڏ ستر شيطان تيل لڳائيندا آهن. (1)

## اجتماعي جائزي جو طريقو (72 نيڪ اعمال)

### روزانو 56 نيڪ اعمال:

**(1):** سنيون سنيون نيتون ڪيون؟ **(2):** پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪيون؟ **(3):** هر نماز کان پهريان نماز جي دعوت ڏني؟ **(4):** رات جو سُوْرَةُ الْمُلْك پڙهي يا ٻڌي؟ **(5):** هر نماز کان پوءِ آية الڪرسي، تسبيح فاطمه ۽ سُوْرَةُ الْاِخْلَاص پڙهي؟ **(6):** ڪنز الايمان مان 3 آيتون يا صِراطُ الجنان مان 2 صفحا ترجمي ۽ تفسير سان پڙهيا يا ٻڌا؟ **(7):** شجري جا اوراد پڙهيا؟ **(8):** 313 ڀيرا دُرُود شريف پڙهيو؟ **(9):** اکين کي گناهن کان بچايو؟ **(10):** ڪَنَن کي گناهن کان بچايو؟ **(11):** فضول نظري کان بچندي نگاهون هيٺ رکيون؟ **(12):** 12 منٽ مڪتبة المدينہ جو اصلاحي ڪتاب پڙهيو؟ **(13):** اذان ۽ اقامت جو جواب ڏنو؟ **(14):** غصي جو علاج ڪيو؟ **(15):** پنهنجو جائزو ورتو؟ **(16):** پنهنجي نگران جي اطاعت ڪئي؟ **(17):** "توهان" ۽ "جي" چئي ڳالهايو؟ **(18):** مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهيو يا پڙهايو؟ **(19):** عشاء جي جماعت کان پوءِ ٻن ڪلاڪن جي اندر گهر پهچي ويا؟ **(20):** 2 ڪلاڪ ديني ڪمن تي خرچ ڪيا؟ **(21):** فجر لاءِ جاڳايو؟ **(22):** ٻين جي گهرن ۾ جهاتي پائڻ کان بچيا؟ **(23):** گهر ۾ درس ڏنو؟ **(24):** مسجد ۾ درس ڏنو يا ٻڌو؟ **(25):** سُنت جي مطابق لباس پهريو؟ **(26):** زلفون رکڻ جي سنت تي عمل ڪيو؟ **(27):** هڪ مٺ ڏاڙهي آهي؟ **(28):** گناه تيڻ

---

1... عمل اليوم والليل، باب تسميۃ اذا دھن، صفحہ:78، حديث:175۔

جي صورت ۾ فوري طور توبھ ڪئي؟ (29): سُنّت جي مطابق ماني کاڌي؟ (30): مسلمانن کي سلام ڪيو؟ (31): سنتّن تي ڪجھ نہ ڪجھ عمل ڪيو؟ (32): ظهر جون چار قَبليہ سنتون فرض کان پھريان ادا ڪيون؟ (33): تهجد يا صلوٰۃ الَّليل ادا ڪئي؟ (34): اوّابين يا اشراق ۽ چاشت پڙهيون؟ (35): عصر يا عشاء جون سنتِ قبليہ پڙهيون؟ (36): 12 ديني ڪمن مان گھٽ ۾ گھٽ هڪ ديني ڪم جي ترغيب ڏياري؟ (37): ٻين کان گھري ڪري شيون (مثلاً جوتا، چادر، موبائل فون، چارجر، گاڏي وغيرھ) استعمال تہ نہ ڪيون؟ (38): ڪوڙ ڳالهائڻ، غيبت ۽ چُغلي کان بچيؤ؟ (39): ڪجھ نہ ڪجھ وقت”مدني چينل“ ڏٺو؟ (40): ذاتي دوستي تہ نہ ڪئي؟ (41):وقت تي قرض ادا ڪيو؟ (42): عاجزي جا اهڙا لفظ تہ نہ ڳالهايا جن جي تائيد دل نہ ڪندي هجي؟ (43): صفائي ۽ سليقي جو خيال رکيو؟ (44): مسلمانن جي عيبن جي پرده پوشي ڪئي؟ (45): فجر جي نماز کان بعد واري مدني حلقي ۾ شرڪت ڪئي؟ (46): ڪجھ نہ ڪجھ جائز ڪمن کان پھريان بسم الله پڙهي؟ (47): چوڪ درس ڏنو، يا ٻڌو؟ (48): اسراف کان بچيؤ؟ (49): ٽريفڪ جي قانونن جي پابندي ڪئي؟ (50): تنظيمي طريقيڪار جي مطابق مسئلو حل ڪيو؟ (51): زبان جي گناهن کان بچيا؟ (52): فضول گفتگو کان بچيا؟ (53): مذاق، مسخري، طنز، دل آزاري ۽ ٺهڪ ڏئي کِلڻ کان بچيا؟ (54): عمامو شريف ٻَڌو؟ (55): پنھنجي والدين ۽ پير و مرشد کي ايصالِ ثواب ڪيو؟ (56): ماءُ پيءُ جو ادب ڪيو؟

## قُفلِ مدينہ ڪارڪردگي

لکي ڪري گفتگو 12 پيرا ۞ اشاري سان گفتگو 12 پيرا ۞ نگاهون جُھڪائي گفتگو 12 پيرا.

# هفتيوار 9 نيڪ اعمال

**(57):** اسلامي ڀينرن جي هفتيوار اجتماع ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اسلامي ڀيڻ کي گهران موڪليو؟ **(58):** هفتيوار مدني مذاڪرو ڏٺو يا ٻڌو؟ **(59):** هفتيوار اجتماع ۾ اوّل کان آخر تائين شرڪت ڪئي؟ **(60):** يومِ تعطيلِ اعتڪاف ڪيو؟ **(61):** مريض يا ڏکايل جي عيادت يا غمخواري ۽ ڪنهن جي عزيز جي انتقال تي تعزيت ڪئي؟ **(62):** هفتي ۾ ڪنهن ڏينهن روزو رکيو؟ **(63):** هفتيوار رسالو پڙهيو يا ٻڌو؟ **(64):** علاقائي دورو ڪيو **(65):** پهريان اچڻ وارا اسلامي ڀائر هاڻي نہ ٿا اچن انهن کي ٻيهر ماحول سان وابستہ ڪيو؟